# سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد
# ٻارن لاءِ شاهه لطيف جو ميلو
## تاريخ 9 ۽ 10 ڊسمبر 2023ع

(11) ڄام تماچي سمو ڪنهن جو پٽ هو؟

جواب: فيروز الدين شاهه ڄام انڙ جو.

(12) نوري ذات جي ڪير هئي؟

جواب: گندري.

(13) نوري ۽ ڄام تماچي جون قبرون مڪلي تي ڪنهن جي پيرانديءَ وٽ هڪ هجري ۾ آهن؟

جواب: شيخ حماد جماليءَ جي.

(14) شاهه صاحب ڪهڙي سر ۾ نوري ڄام تماچيءَ جو قصو آندو آهي؟

جواب: سر ڪاموڏ ۾

(17) ڄام صاحب ڪهڙي سر ۾ جکري جي سخا جو ذڪر آندو آهي؟

جواب: سر بلاول ۾.

(18) ڄام جکرو اوڍاڻو ڪهڙي خاندان مان هو؟

جواب: سمون جي ڪيهر خاندان مان.

(19) ڄام جکري اوڍاڻو جي ماءُ ۽ پيءُ جو نالو ڇا هو؟

جواب: پيءُ جو نالو اوڍو ۽ هوٿو پري سندس ماءُ هئي.

(20) ڄام جکري اوڍاڻي جو ذڪر ڪهڙي سر ۾ ملي ٿو؟

جواب: سر بلاول ۾.

(22) شاهه سائينءَ ڄام راهو جو ذڪر ڪهڙي سر ۾ ڪيو آهي؟

جواب: سر بلاول ۾.

(23) ڄام ڪرن جي ساراهه شاهه سائين ڪهڙي سر ۾ ڪئي آهي؟

جواب: سر بلاول ۾.

(24) شاهه سائينءَ جي ڪهڙي سر جو ٻيو مبهم ڪردار 'چنبيلي' نالي ٻانهي آهي؟

جواب: سر ديسيءَ جو.

(26) چنيسر سومري گهراڻي جي داسڙا شاخ مان هو. ڪٿي راڄ ڪندو هو؟

جواب: ديول ڪوٽ تي.

(27) ليلا ڪير هئي؟

جواب: چنيسر جي پٽ راڻي هئي.

(28) ڪنهن ليلا کي هار تي هرڪائي هڪ رات چنيسر سان گذارڻ جو سودو ڪيو؟

جواب: ڪڇ جي حاڪم راڻي ڪنگهار جي ڌيءَ ڪونروءَ.

(29) هار تي هرڪڻ وارو واقعو شاهه سائينءَ جي ڪهڙي سر ۾ آهي؟

جواب: سر ليلا چنيسر ۾.

(30) سر ديسي ۾ ٻانهيءَ جو چوٿون ڪردار ڪهڙو آهي؟

جواب: دولت ٻانهي.

(31) ڏونگر راءِ سمون ڪنهن جو پٽ آهي؟

جواب: ابڙي اڙٻنگ جو.

(32) ڏونگر راءِ سمي جو ذڪر شاهه سائينءَ ڪهڙي سر ۾ ڪيو آهي؟

جواب: سر بلاول ۾.

(33) راول فقير جي وفات تي شاهه سائينءَ ڪهڙي سر ۾ ساڻس محبت جو اظهار ڪيو؟

جواب: سر رامڪليءَ جي هڪ وائيءَ ۾.

(35) سومرا گهراڻي جي حاڪم همير سومري جو وزير ۽ سالو ڪير هو؟

جواب: راڻو.

(36) شاهه سائينءَ جي ڪهڙي سر ۾ ڪاڪ محل جو ذڪر ڪيل آهي؟

جواب: سر مومل راڻو ۾.

(37) راءِ ڏياچ ڪٿان جو حاڪم هو؟

جواب: جهونا ڳڙهه جو.

(38) سورٺ ۽ انيراءِ جو پاڻ ۾ ڪهڙو رشتو هو؟

جواب: ڌيءَ ۽ پيءُ جو.

(39) ڪنهن جي سئين تي راءِ ڏياچ پنهنجو سِر ڏنو؟

جواب: ٻيجل جي.

(40) شاهه سائينءَ جي ڪهڙي سُر ۾ راءِ ڏياچ جو ذڪر ملي ٿو؟

جواب: سر سورٺ ۾.

(41) شاهه سائينءَ ڪهڙيءَ سر ۾ سپڙ ڄام جو ذڪر ڪيو آهي؟

جواب: سر پرڀاتي ۾.

(42) ڪهڙي سخي سردار ڏڏ مڱڻهار کي هڪ سؤ عربي گهوڙا خيرات ڏنائين؟

جواب: بلوچستان جي لسٻيلي پرڳڻي جي سپڙ ڄام.

(43) سپڙ ڄام ذات جو ڪير هو؟

جواب: رونجهو.

(44) سپڙ ڄام جي مزار ڪهڙي هنڌ آهي؟

جواب: لسٻيلي ۾.

(45) دودي جي پٽ سنگھار سومري جو ذڪر ڪهڙي سر ۾ ملي ٿو؟

جواب: سر ڏھر ۾.

(46) شاهہ سائينءَ جي ڪهڙي سر ۾ جاني ڏيري جي پٽ عنايت ڏيري جو ذڪر ملي ٿو؟

جواب: سر سسئي آبري ۾.

(47) شاهہ صاحب ڪهڙي سر ۾ علاؤالدين جي چڙهائي ۽ سومرن جو ابڙي سمي وٽ سام پوڻ جو ذڪر ڪيو آهي؟

جواب:سر بلاول ۾.

(48) عمر ۽ مارئي جي قصي تي ڪهڙو سر رچيل آهي؟

جواب: سر مارئي.

(49) سر مارئيءَ جا اهم ڪردار ڪهڙا آهن؟

جواب: پالڻو ماڏوئي، ڦوڳ، ڪيت، مارئي ۽ عمر سومرو.

(50) سسئي ڪنهن جي ڌيءَ هئي؟

جواب: نائون نالي هڪ ٻانيڻ جي.

(51) ڀنڀور شهر ۾ سسئيءَ جي پرورش ڪنهن ڪئي؟

جواب: محمد نالي ڪتي.

(52) ڪيچ مڪران جي پنهل جي پيءُ جو نالو ڇا هو؟

جواب: آري ڄام.

(53) سسئيءَ جي معنيٰ ڇا آهي؟

جواب: چنڊ.

(54) شاهہ سائينءَ سسئيءَ تي گهٽا ۽ ڪهڙا سر سرچيا آهن؟

جواب: پنج سر (سر سسئي آبري، سر معذوري، سر ديسي، سر ڪوهياري ۽ سر حسيني)

## شاھ لطيف جي متعلق اهم سوال.

1. شاھ عبداللطيف جو ڪلام ڪنهن جي معرفت مريدن سهيڙيو؟

مليائٽي نعمت

2. شاھ عبدالطيف جو مقبرو ڪهڙي ڪلهوڙي حڪمران جوڙايو؟

غلام شاھ ڪلهوڙو

3. شاھ لطيف ڪهڙي عالم جي جنازي نماز پڙهائي هئي؟

مخدوم معين ٺٽوي

4. شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ سان ڪهڙا ٽي ڪتاب هميشھ گڏ هوندا هئا؟

قرآن مجيد، مثنوي مولانا رومي، شاھ ڪريم جو رسالو

5. رچرڊ برٽن جي ان ڪتاب (1851ع) جو نالو ٻڌايو جنهن ۾ شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو ذڪر ڪيو آهي؟

سنڌو ماٿري ۾ رهندڙ قومون.

6. 1870ع ۾ ڪهڙي انگريز شاھ عبداللطيف جي سوانح لکي، جنهن جو ترجمو علامھ دائودپوٽي ڪيو؟

ڊبليو سائودي

7. شاھ لطيف ننڍپڻ ۾ ڪهڙي راند کيڏندو هو؟

گز ڪمان

8. شاھ لطيف، سامين ۽ جوڳين سان گڏ ڪٿانجو سفر ڪيو.

هنگلاج

9. شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ کي ڪهڙي ساز جو موجد سڏيو ويندو آهي؟

دنبورو

10. شاھ لطيف سڀ کان اول ڪهڙي ماڳ جو سير ڪيو؟

گنجي ٽڪر

11. محمد عالم سومري جو ترتيب ڏنل الف ب وار رسالو ڪهڙي رسالي جي مدد سان تيار ٿيو؟

ڪلياڻ آڏواڻي (رسالن متعلق)

12. "موضوع وار شاھ جو رسالو" ڪنهن جو سهيڙيل آهي، جنهن کي گل محمد ٽنيي ترتيب ڏئي ڇپرايو؟

هرومل سدا رنگاڻي (رسالن متعلق)

13. گنج (شاھ جو رسالو الف ب وار ترتيب سان) ڪنهن ترتيب ڏنو آهي؟

صفدر حسين ميرزا ۽ شوڪت چاچڙ (رسالن متعلق)

14. شاھ جي رسالي جو عربيءَ ۾ ترجمو "الشاھ عبداللطيف بهتائي و منتخباة اشعاره" جي نالي ڪنهن ڪيو؟

ڊاڪٽر فضل سومرو (رسالن متعلق)

15. شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ شاهہ عنايت جو ڪهڙي سُر ۾ ذڪر ڪيو آهي؟

سر رامڪلي (سرن متعلق)

16. سُر رامڪليءَ ۽ سُر ڪاهوڙيءَ ۾ ڇا جو ذڪر ٿيل آهي؟

سير سفر، جوڳين، سامين ۽ ڪاهوڙين جو (سرن متعلق)

17. شاهہ لطيف نانگن ۽ بلائن جو ذڪر پنهنجي ڪهڙي سُر ۾ ڪيو آهي؟

سُر ڪارايل (سرن متعلق)

18. "سائينم! سدائين" وارو بيت شاهہ جي رسالي جي ڪهڙي سُر ۾ آهي؟

سُر سارنگ (سرن متعلق)

19. شاهہ صاحب جا وڳند فقير سان ڪيل ڀوڳن، چرچن ۽ گفتن جا بيت رسالي جي ڪهڙي سُر ۾ ملن ٿا؟

سُر بلاول (سرن متعلق)

20. موکي ۽ متارن جو ذڪر ڪهڙي سُر ۾ آهي؟

يمن ڪلياڻ (سرن متعلق)

21. ڪهڙي سُر ۾ چنڊ، ستارن ۽ ڪتين جو ذڪر ملي ٿو؟

سُر ڪنيات (سرن متعلق)

## شاهہ جي شاعريءَ ۾ پکي پکڻ

(1) شاهہ صاحب ڪھڙي پکيءَ کي ڏونڊ تي ڪرندي ڏٺو؟

جواب: ڳجهہ کي

(2) سيچاٽو شڪاري پکي آهي، سندس خصلت کي شاهہ سائينءَ ڇا سان تشبيهہ ڏني آهي؟

جواب: نينهن سان.

(3) ڪھڙي سر ۾ شاهہ سائينءَ چتونءَ جو ذڪر ڪيو آهي؟

جواب: سر معذوري ۾

(4) ڪھڙن پکين جو گذران جيت ۽ مڇي آهي؟

جواب ڪنگ ۽ ٻگهہ جو.

(5) ڪنگ ۽ ٻگهه جو ذڪر ڪھڙي سُرَ ۾ ٿيل آهي؟

سر ڪارايل ۾

(6) سر ڪارايل ۾ ڪھڙي پکيءَ جي خوراڪ موتي آهي؟

جواب: هنج پکي

(7) سر ڪارايل ۾ ڪھڙي پکي جو شڪار نانگ بلائون آهن؟

جواب: مور پکي.

(8) سر ڪارايل ۾ اهو ڪھڙو پکي آهي، جيڪو برسات جو امڪان ڏسي ٽنواريندو آهي؟

جواب: ننيرو تاڙو پکي.

(9) اهو ڪھڙو پکي آهي، جيڪو وڳر ڪري اُڏامندو آهي؟

جواب: ڪونج پکي.

(10) شاهہ صاحب ڪونج پکي وڳر کي ڏسي ڪھڙو درس ڏنو آهي.

جواب: سر ڏهر ۾ وڳر ڪيو وتن، پرت نہ ڇنن پاڻ ۾

(11) شاهہ سائينءَ جي سر پورب ۾ پانڌي ٻڌائي پيار جا نياپا سنيها ڏيندڙ ڪھڙو پکي آهي؟

جواب: ڪانگ پکي.

(12) شاهہ صاحب ڪانگ کي تمام گهڻو ساراهيو آهي، پر ڪانگ جي ڪھڙي خصلت کي ننديو آهي؟

جواب ڏونڊ تي ڪرڻ جي خصلت کي.

(13) شاهہ سائين آڙي پکيءَ جو ذڪر ڪھڙي سر ۾ ڪيو آهي؟

جواب: سر سارنگ ۾.

(14) آڙي لاءِ اڙ/ اڙون لفظ شاهه جي رسالي جي ڪھڙي نسخي ۾ ملي ٿو؟

جواب: گنج ۾.

(15) شاهہ سائين جي سر آسا ۾ سِرڻ جي قد جيڏو سندس ئي قبيلي جو ڪھڙو پکي آهي؟

جواب: باز.

(16) ٻگهہ پکيءَ جو ذڪر ڪهڙن سرن ۾ مليو ٿو؟

جواب: سر ڪارايل ۽ سر سهڻيءَ ۾.

(17) ٻگهہ کي شاهہ صاحب ڪهڙي علامت طور آندو آهي؟

جواب: ٻگهہ مان سندس مراد طالب الدنيا آهي.

(18) شاهہ جي سر حسيني ۾ ڪهڙي پکيءَ لاءِ لُڪون موت جو ڪارڻ ٻڌبيون آهن؟

جواب: ٻاٻيهو.

(19) شاهہ صاحب جي سر سارنگ ۾ ڪهڙي پکيءَ جي تنوار تي ماڻهو سمجهي ويندا آهن تہ مينهن وسڻ وارو آهي؟

جواب: تاڙو پکي.

(20) شاهہ صاحب ڪهڙي سُر ۾ تتر ۽ بازر جي نهايت سهڻي تشبيهہ آندي آهي؟

جواب: سر بلاول ۾.

(22) چپ جو ذڪر شاهہ سائينءَ جي ڪهڙي سر ۾ مليو ٿو؟

جواب: سر سسئي آبري ۾.

(23) سنڌي سماج ۾ ڪهڙي پکيءَ کي نجس ۽ نياڳو سمجهيو ويندو آهي؟

جواب: چپ پکيءَ کي.

(24) شاهہ صاحب ڪربلا جي واقعي کي بيان ڪندي ڪهڙي پکيءَ کان خط پهچائيندڙ جو ڪم ورتو آهي؟

جواب: ڪبوتر کان.

(25) شاهہ صاحب سسئي جي سڏڙن، روڄ ۽ راڙي، ڪيهن ۽ ريهن کي ڪهڙي پکيءَ جي ڪوڪ سان تشبيهہ ڏني آهي؟

جواب: ڪوئل سان.

(26) شاهہ سائين پنهنجي رسالي ۾ ڪهڙن پکين جو ذڪر ڪيو آهي؟

جواب: چيهو سيچاٽو شڪرو ڪنگ، ڪونج، هدهد، هنج، هماءُ.

(27) شاهہ صاحب پکين جو ذڪر ڪهڙن سرن ۾ ڪيو آهي؟

جواب: سر ڪارايل، سر ديسي، سر معذور، سر پرڀ، سر ڪيڏارو، سر ڏهر، سر سسئي آبري، سر بلال، سر سارنگ، سر حسيني.

## شاهہ جي شاعريءَ ۾ جيت جنتيا ۽ بلائون

(1) شاهہ صاحب ڏک ۽ درد کي ڪهڙي جيت سان سر سامونڊيءَ ۾ تشبيهہ ڏني آهي؟

جواب: اڏوهيءَ سان.

(2) شاهہ صاحب پوُئر جو ذڪر ڪهڙن سر ۾ ڪيو آهي؟

جواب: سر مومل راڻو ۽ سر ڪارايل ۾.

(3) سر يمن ڪلياڻ ۾ پتنگ هڪ اُڏندڙ جيت آهي، ڪيس ٻيو ڇا چئبو آهي؟

جواب: پوپٽ يا پروانو

(4) ڄيون جيت جو ذڪر شاهہ سائينءَ ڪهڙي سُر ۾ ڪيو آهي؟

جواب: سر مارئي- سر سسئي آبري ۾.

(7) پاٽيءَ جي ڪهڙيءَ جيت کي شاهہ سائينءَ ٻہ پڙ ٻہ سڏيو آهي؟

جواب: سِپَ کي.

(8) سِپَ جو ذڪر شاهہ سائينءَ ڪهڙن سرن ۾ ڪيو آهي؟

جواب: سر مارئي ۽ سر سارنگ

(9) ڪيڙ جيت جو قسم آهي، جيڪو ڪتي جي ڳنَ ۾ رهندو آهي، شاهہ سائينءَ ان جو ذڪر ڪهڙي سر ۾ ڪيو آهي؟

جواب: سر معذوري ۾.

(10) هندوو ننيڙو سهڻو نازڪ ۽ نفيس بخملي جيت آهي، هن جو ذڪر شاهہ سائينءَ ڪهڙي سر ۾ ڪيو آهي؟

جواب: سر سارنگ ۾.

(11) مانگر مڇ جو ذڪر شاهہ سائينءَ جي ڪهڙي سُر ۾ ملي ٿو.

جواب: سر گهاتوءَ ۾.

(12) شاهہ سائينءَ نانگ جي لاءِ ٻيو ڪهڙو لفظ ڪتب آندو آهي؟

جواب: ”سَپُ“

(13) سر سهڻي جي ڪائين داستان ۾ درياءَ جي ڳُنن کي ڪاريهر سان پيٽ ڏني وئي آهي؟

جواب: چوٿين دستان ۾.

(14) واسينگ نانگ ڏاڍو زهريلو ٿيندو آهي. شاهہ سائينءَ ان جو ذڪر ڪهڙي سر ۾ ڪيو آهي؟

جواب: سر ڪارايل ۾.

(16) شاهہ سائينءَ ڪپر نانگ جو ذڪر ڪهڙي سُر ۾ ڪيو آهي؟

جواب: سر آسا ۽ سر ڪارايل ۾.

(17) واڳونءَ جو ذڪر شاهہ صاحب ڪهڙي سر ۾ ڪيو آهي؟

جواب: سر سهڻي ۽ سُر رامڪلي ۾.

# شاهہ جي رسالي جا ڪردار

(1) ابڙي سمي جي سورهيائيءَ جو ذڪر شاهہ سائينءَ ڪهڙي سُر ۾ ڪيو آهي؟

جواب: سر بلال ۾.

(2) شاهہ صاحب سر بلال ۾ ڄام سپڙ ۽ ڄام ٻيلي ڏٽيءَ سان گڏ ڪهڙي سخي ڏاتار جي تعريف ڪئي آهي؟

جواب: ابڙي اگهام جي.

(3) ٻيجل جو ذڪر شاهہ صاحب ڪهڙي سر ۾ ڪيو آهي؟

جواب: سر سورٺ ۾.

(4) شاهہ سائينءَ جي سر ڏهر ۾ مشهور سورهيہ ۽ سردار پنرو ٻڍاڻي ذات جو ڪير هو؟

جواب: چنو.

(8) جسودن ذات جو آگرو هو ۽ پلهار واري ايراضيءَ جو حڪمران هو شاهہ سائينءَ سندس ذڪر ڪهڙي سر ۾ ڪيو آهي؟

جواب: سر ڏهر ۾.

(9) جيسو ۽ جسراج ڪير هئا ۽ شاهہ سائينءَ سندن ذڪر ڪهڙي سر ۾ ڪيو آهي؟

جواب: سر ڏهر ۾.

(10) شاهہ سائينءَ سومرن ڪي پناهہ ڏيندڙ ڄام اوڍر سمون جو ذڪر سر بلاول ۾ ڪيو آهي، ٻڌايو تہ لفظ اوڍر جي معنيٰ ڇا آهي؟

جواب: معنيٰ آهي(ٻين جا سور ۽ مسئلا پاڻ تي اوڍڻ ۽ انهن کي منهن ڏيڻ)

# ادب جي تاريخ

(1) احوال شاهہ عبداللطيف ڀٽائي 1897ع ۾ ڪتاب جو ليڪڪ ڪير آهي؟
جواب: مرزا قليچ بيگ.
(2) انگريزيءَ ۾ ”شاهہ لطيف جي حياتي ۽ مذهب ۽ شعر“ جو ليڪڪ ڪير آهي؟
جواب: ديوان ليلا رام.
(3) ڪاڪي لال چند امر ڏني مل جڳتياڻي شاهه تي لکيل جڳ مشهور ڪتاب جو ليڪڪ آهي. ان ڪتاب جو نالو ٻڌايو.
جواب: شاهاڻو شاهہ.
(4) ”لطيف سائينءَ جا لاڙ تان پيرا“ جو مصنف ڪير آهي؟
جواب: معمور يوسفاڻي.
(5) ”لطائف لطيفي“ ڪتاب ڪهڙي ٻوليءَ ۾ لکيل آهي؟
جواب: فارسي.
(6) لطائف لطيفي 1877ع ۾ لکيو ويو پر اهو ڇپيو ڪهڙي سال ۾؟
جواب: 1967.
(7) ’شاهہ جون سورميون‘ ڪتاب جو مصنف ڪير آهي؟
جواب: نارائڻ داس گلراجاڻي.
(8) ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جو لکيل ڪتاب ”شاهہ لطيف جي شاعريءَ“ ڪيترن جلدن تي مشتمل آهي.
جواب: ٽي.
(9)ڊاڪٽر تنوير عباسي جو لکيل ڪتاب ”شاهہ لطيف جي شاعري“ جو پهريون جلد ڪڏهن شايع ٿيو؟
جواب: 1976.
(10) شاهہ لطيف جي سوانح ۽ ڪلام متعلق ڪتاب ”لطائف الطيف“ جو مصنف ڪير آهي؟
جواب: دين محمد وفائي.
(11) ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي جي ترتيب ڏنل رسالي ۾ ڪل ڪيترا سر آهن؟
جواب: ڪل 18 سر آهن.
(12) ”شاهہ جي رسالي جو مطالعو“ جو مصنف ڪير آهي؟
جواب: مولانا دين محمد وفائي.
(14) ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي مرتب ڪيل شاهه جي رسالي جي ٽنهي جلدن ڇپجڻ جا سال ٻڌايو؟
جواب: 1931، 1924، 1923.
(15) ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ڪيترن رسالن جي بنياد تي تحقيقت مڪمل ڪئي.

جواب: 50 قلمي نسخن جي بنياد تي
(16) سڀ کان پهريون شاهه جو رسالو ڪڏهن شايع ٿيو؟
جواب: 1866ع.
(17) ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرومپ شاهه جو رسالو ڪٿان شايع ڪرايو؟
جواب: جرمني مان.
(18) ڏهن جلدن تي شاهه جو رسالو ڪهڙي محقق ترتيب ڏنو؟
جواب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ.
(19) سڀ کان پهريون ڪهڙي عالم شاهه جي رسالي مان 'سُر ڪيڏارو' خارج ڪيو؟
جواب: علامه آءِ آءِ قاضي.
(20) شاهه لطيف جي ڪلام جي لغت "غريب اللغات" جو محقق ڪير آهي؟
جواب: پيرو مل مهر چند آڏواڻي.
(21) شاهه لطيف جي ڪلام جي لغت "لُغات لطيفي" جو محقق ڪير آهي؟
جواب: مرزا قليچ بيگ.
(22) شاهه عبداللطيف ڀٽائي تي انگريزي ٻولي ۾ پهرين پي ايڇ ڊي ڪنهن ڪئي؟
جواب: ڊاڪٽر ايڇ ٽي سورلي.
(23) شاهه عبداللطيف ڀٽائي متعلق سنڌي ٻوليءَ ۾ پهرين پي ايڇ ڊي ڪنهن ڪئي؟
جواب: ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر.
(24) ڊاڪٽر فهميده حسين جي شاهه تي ٿيل پي ايڇ ڊي جو عنوان ڪهڙو آهي؟
جواب: شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ عورت جو روپ.
(25) شاهه عبداللطيف ۽ سنڌي عورت ڪنهن جي پي ايڇ ڊي آهي؟
جواب: ڊاڪٽر حسن بانو جي.
(26) شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ علامت نگاري جو تحقيقي مقالو ڪنهن جو لکيل آهي؟
جواب: غلام نبي سڏايو.
(27) "شاهه لطيف جا سر چشما" ڪنهن جو ڪتاب لکيل آهي؟
ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ.
(28) ڊاڪٽر درشهوار سيد "پوئٽري آف شاهه عبداللطيف" جي عنوان سان انگريزي ۾ پي ايڇ ڊي ڪهڙي يونيورسٽي مان ڪئي.
جواب: اسڪاٽلينڊ (ايڊنبرا) يونيورسٽي مان.
(29) شاهه جي ٻولي جو مصنف ڪير آهي؟
جواب: آفتاب ابڙو

(30) ”لطيفي لهرون“ ڪتاب جو ليکڪ ڪير آهي؟
جواب: غلام رسول بلوچ.
(31) ”پيغام لطيف“ ڪتاب جو مصنف ڪير آهي؟
جواب: سائين جي ايم سيد
(32) ”شاهه قرآن جي روشني ۾“ جو مصنف ڪير آهي؟
جواب: غلام عباس سريوال.
(33) ايڇ ٽي سورلي جي ڪتاب Shah Latif of Bhit جو ترجمو ’ڀٽ جو شاهه‘ ڪنهن ڪيو آهي؟
جواب: عطا محمد ڀنڀرو.
(34) ”شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ منظر نگاري“ جو محقق ڪير آهي؟
جواب: راز شر.
(35) ”شاهه ۽ نوجوان“ ڪتاب جو مرتب ڪير آهي؟
جواب: غلام مصطفيٰ شاهه.
(36) ”ڀِي منجهه پاتال“ جو ليکڪ ڪير آهي؟
جواب: ڊاڪٽر بشير احمد شاد.
(37) شاهه لطيف جي فڪر متعلق ڪتاب ”عرفانِ لطيف“ جو ليکڪ ڪير آهي؟
جواب: ڊاڪٽر بشير احمد شاد.
(38) لطيفيات جي موضوع تي لکيل ڊرامو ”ڪاڪ محل“ جو مصنف ڪير آهي؟
جواب: شمشير الحيدري.
(39) شاهه لطيف جي راڳ متعلق ڪتاب ”سر شاهه سمنڊ“ جو ليکڪ ڪير آهي؟
جواب: استاد امير علي خان.
(40) شاهه لطيف جي شاعريءَ جو سماجي ڪارج ڪنهن جي پي ايڇ ڊي ٿيسز آهي؟
جواب: ڊاڪٽر احسان دانش جي
(41) شاهه لطيف جو علامتي شعور ڪتاب جي ليکڪ جو نالو ٻڌايو.
جواب: ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو.
(42) ڪتاب ”شاهه لطيف هر دور جو شاعر“ جو ليکڪ ڪير آهي؟
جواب: ڊاڪٽر بشير احمد شاد
(43) شاهه لطيف جي شاعريءَ جو پهاڪاتي پهلو ڪتاب جو مترب ڪير آهي.
جواب: زنجنيئر عبدالوهاب سهتو
(44) ڪتاب ”شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ درد جو فلسفو“ ڪنهن جو لکيل آهي؟
جواب: ڊاڪٽر احسان دانش جو

(45) ”شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ جماليات“ ڪنهن جي پي ايچ ڊي ٿيسز آهي؟
جواب: ڊاڪٽر شير مهراڻيءَ جي.
(46) شاهہ لطيف جي فڪر متعلق لکيل ڪتاب ”ڪنڌيءَ ڪونئرڙن“ جو مصنف ڪير آهي؟
جواب: محمد حسين ’ڪاشف‘
(47) شاهہ لطيف جي فن، فڪر ۽ زندگي جي احوال متعلق ”مقدمہ لطيف“ جو ليکڪ ڪير آهي؟
جواب: ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي.

(1) تنين ماڻڪ ميڙيا ڪتاب جو ليکڪ ڪير آهي؟
جواب: رسول بخش پليجو
(2) شاهہ ۽ سنڌي ڪتاب جي مصنفہ ڪير آهي.
جواب: ڊاڪٽر فهميده حسين.
(5) شاهہ لطيف جا فڪري رخ جو مصنف ڪير آهي؟
جواب: ڊاڪٽر غفور ميمڻ
(7) ”شاهہ لطيف جي شاعريءَ جو جديد اڀياس“ جو محقق ڪير آهي.
جواب: ڊاڪٽر شير مهراڻوي.
(8) ڪلاسيڪل شاعرن جي تقابلي اڀياس متعلق ”شاهہ لطيف جي شاعريءَ جو تقابلي اڀياس جو ليکڪ ڪير آهي.
جواب: ڊاڪٽر اسحاق سميجو.

# لطيف انسائيڪلو پيڊيا

(1) شاهه عبداللطيف ڀٽائي ترڪيءَ جي ڪهڙي شهر جو نالو ڪتب آندو آهي؟

جواب: استنبول

(2) شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ استنبول جو ذڪر ڪهڙي سر ۾ ڪيو آهي؟

جواب: سر سارنگ.

(3) شاهه عبداللطيف جي رسالي ۾ گهٽي ۾ گهٽ ۽ گهڻو بيت گهٽ سٽن تي مشتمل آهي.

جواب: يارنهن.

(4) شاهه عبداللطيف ڀٽائي شاعري ۾ ماڳ "ٻڪار" جو ذڪر ڪيو آهي، اُهو ماڳ ڪٿي آهي؟

جواب: سکر.

(5) شاهه عبداللطيف هندوستان جي مشهور شهرن "دهلي ۽ دکن" جو ذڪر ڪهڙي سُر ۾ ڪيو آهي.

جواب: سُر سارنگ.

(6) سر سارنگ ۾ شاهه عبداللطيف بيڪانير ڪتب آندو آهي، بيڪانير ماڳ ڪٿي واقع آهي؟

جواب: جيسلمير.

(7) ٻيلو ڪڇ جي رڻ ۾ ڪناري ويجهو بيٺ آهي، شاهه لطيف ان جو ذڪر ڪهڙي سُر ۾ ڪيو آهي.

جواب: سر پرڀاتي.

(8) شاهه عبداللطيف ڀٽائي هندوستان جي شهر "ڀُڄ" جو ذڪر ڪهڙن سرن ۾ ڪيو آهي؟

جواب: سر سارنگ ۽ ڏهر.

(9) شاهه لطيف جي سورمي سسئي جو تعلق سنڌ جي ڪهڙي قديمي شهر سان هو؟

جواب: ڀنڀور.

(10) شاهه عبداللطيف ڀنڀور جو ذڪر ڪيترن ۽ ڪهڙن سرن ۾ ڪيو آهي.

جواب: پنجن سُرن، حسيني، بروو سنڌي، ديسي، آبري ۽ ڪوهيار ۾.

(11) ڀنڀور هن وقت ڪٿي واقع آهي؟

جواب:تعلقي ميرپور ساڪرو ۾.

(12) شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي سورمي مارئي جو تعلق سنڌ جي ڪهڙي قديم ماڳ سان آهي.

جواب: ٿر.

(13) شاهه عبداللطيف سر مارئي ڪان علاوه ٿر جو ذڪر ڪهڙن سرن ۾ ڪيو آهي؟

جواب: سارنگ.

(14) ٿر جو ڪهڙو طبعي ڀاڱو آهي جيڪو ڪڇ جي ويجهو آهي.

جواب: پائر.

(17) پٽيهل ندي جو ذڪر ڪهڙي سر ۾ ملي ٿو؟

جواب: سر ڏهر.

(18) شاهہ عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي بيتن ۾ پراڻ ندي جو ذڪر ڪيو آهي, اها پراڻ ندي ڪٿان وهندي هئي.
جواب: سڪرنڊ تعلقي مان نڪري ڪڇ جي رڻ مان ٿيندي لکپت تائين.
(20) ڀٽائي سر سئي آبري ۾ "حُر" ماڳ جو ذڪر ڪيو آهي, اهو ماڳ ڪٿي آهي؟
جواب: بلوچستان(هڪ جبل جي چوٽي جو نالو آهي).
(21) جيلسپر جو ذڪر شاهہ لطيف ڪهڙي سُر ۾ ڪيو آهي؟
جواب: سر سارنگ.
(22) شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جهوناڳڙهہ جو ذڪر سر سورٺ ۾ ڪيو آهي. اهو شهر ڪنهن جوڙايو؟
جواب: راءِ ڏياچ جي ڏاڏي راءِ گوهر.
(23) شاهہ صاحب حُب ندي جو ذڪر ڪهڙن سرن ۾ ڪيو آهي؟
جواب: سر ڪوهياري, ديسي ۽ معذوري.
(25) شاهہ عبداللطيف ڀٽائي هندستان جي ماڳ "دوارڪا" جو ذڪر ڪهڙي سُر ۾ ڪيو آهي.
جواب: رام ڪلي.
(26) شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ٿر جي علائقي "ڍٽ" جو ذڪر سر مارئي کان علاوه ڪهڙي سُر ۾ ڪيو آهي؟
جواب: سر مومل راڻو.
(27) شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ڍورندي جو ذڪر سر ڏهر ۾ ڪيو آهي, اوهان ندي ڪٿان نڪرندي هئي.
جواب: نئين ڪوٽ کان هيٺان مهراڻ نديءَ مان نڪرندي هئي.
(28) ڍور سان گڏ ٻي ڪهڙي نهر وهندي هئي؟
جواب:ڊاڳي.
(29) شاهہ عبداللطيف دنيا جي قديم شهر سمرقند جو ذڪر ڪهڙي سر ۾ ڪيو آهي.
جواب: سر سارنگ.
(30) طور سينا مصر ۽ شام ملڪن ۾ بيٺ نما علائقو آهي, شاهہ لطيف ان جو ذڪر ڪهڙي سُر ۾ ڪيو آهي.
جواب: سر رامڪلي.
(31) پاڪستان جي مشهور شهر قلات جو ذڪرڪهڙي سر ۾ ملي ٿو.
جواب: سر رامڪلي.
(32) قابل, قنڌار ڪهڙي ملڪ جو ٻيو نمبر وڏو ۽ قديم شهر آهي؟
جواب: افغانستان.
(33) شاهہ عبداللطيف ڀٽائي سر مومل راڻي ۾ ڪاڪ محل جو ذڪر ڪيو آهي. اهو ڪاڪ محل جسلميز جي ڪهڙي شهر ۾ آهي.
جواب: لدانڻو.
(34) شاهہ عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪڇ جو ذڪر ڪيو آهي. ڪڇ جي لفظي معنيٰ ڇا آهي.
جواب: ڪنڌي يا ڪنارو.

## شاهہ سائينءَ جي زندگي ۽ سندس دور بابت

سوال: شاهہ سائين بابت سڀ کان پهرين ٿورو احوال ڪهڙي ليکڪ پنهنجي ڪتاب ۾ ڏنو؟

جواب: مير علي شير قانع ٺٽويءَ.

سوال: مير علي شير قانع پنهنجن ڪتابن ۾ سيد عبداللطيف يا، شاهہ عبداللطيف جي نالي سان ڪم از ڪم ڪيترن بزرگن جو ذڪر ڪيو آهي؟

جواب: پنجن بزرگن جو.

سوال: مير علي شير قانع ٺٽويءَ پنهنجن فارسي ڪتابن ۾ شاهہ سائينءَ لاءِ تارڪ لفظ ڪيترا ڀيرا استعمال ڪيو آهي؟

جواب: يارنهن ڀيرا

سوال: مير علي شير قانع، تحفة الڪرام کان اڳ ڪهڙي ڪتاب ۾ پهريون ڀيرو شاهہ لطيف جي سوانح جو تذڪرو ڪيو؟

جواب: ڪتاب مقالاتِ الشعراءَ.

سوال: ڪتاب مقالاتِ الشعراءِ لطيف سائين جي وفات کان ڪيترا سال پوءِ لکجي مڪمل ٿيو؟

جواب: 9 سال پوءِ (1174هہ/1761ع ۾ مڪمل ٿيو).

سوال: ڪتاب مقالات الشعراءِ جو پهريون ڀيرو سنڌي ترجمو ڪڏهن ٿيو؟

جواب: 1957ع ۾.

سوال: مير علي شير قانع مقالاتِ الشعراءِ کان پوءِ ٻئي ڪهڙي ڪتاب ۾ شاهہ سائينءَ جي زندگي جو احوال لکيو آهي؟

جواب: فارسي ڪتاب تحفة الڪرام (1181هہ/1767ع ۾ لکيو ويو).

سوال: ”فارسي ڪتاب معيار سالڪان طريقت“ جي ڪائين طبقي ۾ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جو احوال ملي ٿو؟

جواب: ٻارهين طبقي ۾.

سوال: فارسيءَ ۾ لکيل ڪتاب فردوس العارفين ۾ محمد زمان لنواري واري سان گڏ شاهہ سائينءَ جو بہ احوال ملي ٿو اهو ڪتاب ڪڏهن ۽ ڪنهن لکي مڪمل ڪيو؟

جواب: 1201هه، 1786ع ۾ مڪرم خان ٽالپر.

سوال: مير علي شير قانع جي دور ۾ سيد عبداللطيف، يا شاهه عبداللطيف جي نالي وارا ڪم از ڪم ڪيترا بزرگ ٿيا؟

جواب: پنج بزرگ.

سوال: شاهه سائينءَ جي سوانح حيات تي تحقيقي ڪم ڪڏهن شروع ٿيو؟

جواب: 1880ع ۾.

سوال: شاهه سائينءَ جي ڏاڏي جو اسم شريف ٻڌايو؟

جواب: سيد عبدالقدوس شاهه.

سوال: شاهه سائينءَ جي پڙ ڏاڏي جو نالو ڇا آهي؟

جواب: سيد جمال شاهه.

سوال: شاهه سائينءَ جي تڙ ڏاڏي جو نالو ڇا آهي؟

جواب: سيد عبدالڪريم شاهه.

سوال: شاهه سائينءَ جو جنم سيد جلال شاهه جي ڪائين پيڙهيءَ مان ٿيو؟

جواب: چوٿين پيڙهيءَ مان.

سوال: شاهه لطيف، حضرت علي عليه السلام جي ڪائين پيڙهي مان آهي؟

جواب: 28 پيڙهي.

سوال: سڀ کان پهريائين پٽ تي ڪهڙي سال کان شاهه لطيف جي جنم جو ڏينهن ملهائڻ شروع ٿيو؟

جواب: 1982ع کان.

سوال: ڪهڙي عالم جو چوڻ آهي ته شاهه لطيف هالا حويليءَ ۾ ڪونه ڄائو هو پر پينءَ پور ۾ پيدا ٿيو هو؟

جواب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ.

سوال: سئي ڪندر قبرستان لڳ شاهه حبيب جي ڪنڊن وٽ لطيف جي جنم جي ڳالهه پهريون پيرو ڪهڙي اديب ڪئي آهي؟

جواب: ڊاڪٽر دائود پوٽي.

سوال: شاهه سائين جي امڙ ۽ والد جو اسم شريف ٻڌايو؟

جواب: ماءُ جو نالو فاطمہ عرف بيبي صاحبِ (والد سيد حبيب شاهہ).

سوال: شاهہ سائينءَ جي ناني جو نالو ڇا هو؟

جواب: ميان عرس فقير ڏيرو ثابت پوٽو (ميان ثابت جي اولاد مان هو).

سوال: شاهہ سائين جي خاندان جي جاين تي، رهائش اختيار ڪئي هئي انهن جاين کي ڪهڙي نالي سان سڏيو ويچي ٿو؟

جواب: شاهہ جا پڊ (شاهہ حبيب جا پڊ).

سوال: شاهہ سائين جي ننڍپڻ ۾ پالنا ڪهڙي فقير ڪئي هئي؟

جواب: عمر فقير سهتي.

سوال: شاهہ سائين جوننڍي هوندي کان رفيق ۽ سڀ کان وڌيڪ پيارو ساٿي ڪهڙو هو؟

جواب: فقير محمد عالم ولد ربڏنو ڏيرو.

سوال: شاهہ سائين گز ڪمان سان ڪهڙن پکين جو شڪار ڪندو هو؟

جواب: پاڻ ڪنهن بہ ساهہ واري شي جو شڪار نہ ڪيائون. بيجان شي تي نشان چٽيندو هو.

سوال: شاهہ حبيب لطيف سرڪار کي ڪهڙن بزرگن جا بيت ياد ڪرايا هئا؟

جواب: شاهہ ڪريم، قاضي قاضن ۽ لطف الله قادري جا.

سوال: شاهہ سائينءَ روم جي ڪهڙي بزرگ شاعر کي روحاني رهبر ڪري مڃيو آهي؟

جواب: مولانا جلال الدين روميءَ کي.

سوال: شاهہ سائينءَ سنڌ جي ڪهڙي شاعر کي روحاني رهبر ڪري مڃيو آهي.

جواب: شاهہ عبدالڪريم بلڙيءَ واري کي.

سوال: شاهہ صاحب کي ڪيترا چاچا هئا؟

جواب: فقط هڪ، سيد عبدالرشيد شاهہ.

سوال: شاهہ سائينءَ جي سڳي ڀيڻ جو نالو ڇا آهي؟

جواب: بيبي بتول، ڪيس ادب وچان بيبي راڻي ۽ بيبي سردار بہ سڏيندا هئا.

سوال: شاهہ سائينءَ جي ٽوپيءَ کي ٻئي ڪهڙي نالي سڏيو ويندو هو؟

جواب: تاج يا ڪلاه.

سوال: لطيف سائين جا مريد سندس زوجہ کي ادب وچان ڇا چوندا هئا؟

جواب: تاج المخدرات يعني سرتاج سائڻ (ستين جو ڇٽ).

سوال: شاهہ سائين جي گهر واريءَ جو اصل نالو ڇا هو؟

جواب: عائشہ (راڻي سلطانہ).

سوال: شاهہ صاحب ڪيترن سالن جي عمر ۾ ڀٽ تي رهائش اختيار ڪئي ۽ پوءِ ڪوبہ سفر نہ ڪيائين؟

جواب: 59 سالن جي عمر ۾.

سوال: شاهہ سائين ڪلهوڙن جي دؤر ۾ ڪهڙن لقبن سان مشهور ٿيو؟

جواب: تارڪ، لطيف، عبداللطيف وغيره.

سوال: شاهہ سائين کي هند توڙي سنڌ واسي ڪهڙن پيارن لقبن سان ياد ڪن ٿا؟

جواب: ڀٽائي گهوٽ، ڀٽ ڌڻي، لعل لطيف، لڄادار لطيف، لطيف سرڪار، لاکيڻو لطيف، مرشد لطيف، شاهہ سائين، شاهہ صاحب، اولياءُ صاحب، تارڪ، حضرت جن، شاعرن جو سرتاج، عارفن جو سلطان، اوليائن جو امام وغيره.

سوال: شاهہ سائينءَ پنهنجي دور ۾ سنڌ تي ڪهڙن حڪمرانن جي حڪومت ڏٺي؟

جواب: ميان يار محمد ڪلهوڙي ۽ ميان نور محمد ڪلهوڙي جي حڪومت.